# نمازن جا وقت ۽

# انهن جون حڪمتون

**28 March-2025**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

28 مارچ، 2025ع (بمطابق: 27 رمضان شريف، 1446 ھ) تي

پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# نمازن جا وقت ۽ انهن جون حڪمتون

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... گناهہ وڻ جي پنن وانگر ڇڻندا آهن

✿... 5 نمازن جو ذڪر قرآن ۾

✿... بي نمازي جي لاءِ 3 شامتون

✿... دنيا جو سڀ کان پهريون الارم

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ط

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ط

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا رَسُوۡلَ الله　وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا حَبِیۡبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡكَ یَا نَبِیَّ الله　وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ یَا نُوۡرَ الله

نَوَیۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِکَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرود شريف جي فضيلت

اربعينِ عطار، قسط: 2، صفحو: 38، حديث پاڪ نمبر 38 آهي: فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اَکۡثَرُکُمۡ اَزۡوَاجًا فِی الۡجَنَّةِ اَکۡثَرُکُمۡ صَلَاةً عَلَیَّ

ترجمو: جنت ۾ سڀني کان وڌيڪ حُورُون ان شخص کي ملنديون جيڪو مون تي سڀني کان وڌيڪ درود پڙهڻ وارو هوندو.[1]

عاصیو جُرم کی دوا ہے درود | کیا دوا عینِ کیمیا ہے درود
حشر کی تیرگی سیاہی میں | نور ہے، شمع پُرضیا ہے درود
چھوڑیو مَت درود کو کاقی | راہِ جنّت کا رہنما ہے درود[2]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي :اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّیَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي-[3]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي اچو ته بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو ته !

---

1… افضل الصلوات للنبہانی، صفحہ:25۔
2…کافی کی نعت، صفحہ:39۔
3 ...بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞باادَب ويهندس ۞ خوب توجهه سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## الوداع الوداع ماهِ رمضان...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجهه ئي ڏينهن پهريان جي ڳالهه آهي، عاشقانِ رمضان منتظر هئا ته رمضان شريف اچڻ وارو آهي ۞ رمضان شريف جي تياري ڪئي پئي وئي ۞ پنهنجو وقت نيڪين ۾ گذارڻ وارا خوش نصيب عاشقانِ رمضان پنهنجو شيڊول ناهي رهيا هئا ته رمضان شريف ڪيئن گذارڻو آهي؟ انَ جي لاءِ پهريان ئي هدف مقرر ڪيا پئي ويا ۞ عاشقانِ رمضان جون دليون بيتاب هيون ۞ پوءِ الله پاڪ جي ڪرم سان، ان جي فضل سان هڪ ڏينهن آيو۞ روح کي مهڪائڻ وارو هڪ آواز ڪنن ۾ پيو: مبارڪ هجيوَ...!! رمضان جو چنڊ نظر اچي ويو آهي ۞ هي اعلان ٻڌندي ئي دليون خوشيءَ سان جهومڻ لڳيون ۞ مسجدن ۾ بهار اچي وئي۞ تلاوت جا شوقين تلاوتِ قرآن ۾ مصروف ٿي ويا ۞ سحري ۽ افطاري ۾ رونقون ٿيڻ لڳيون ۞ ڏسندي ئي ڏسندي عشرهءِ رحمت پنهنجون برڪتون لٽائيندو گذري ويو۞ پوءِ عشرهءِ مغفرت شروع ٿيو۞ خوش نصيبن کي ربِ رحمان و رحيم جي بارگاهه مان بخشش جي خيرات ملي ۞ رمضان شريف جي قدردانن عشرهءِ مغفرت جون برڪتون حاصل ڪيون۞ پوءِ جلد ئي عشرهءِ مغفرت به رخصت ٿي ويو۞ ان سان گڏ ئي جهنم کان آزادي جو ڏهاڪو اچي ويو۞ اعتڪاف ڪرڻ وارا ٽولين جون ٽوليون ٿي مسجدن ڏانهن آيا ۞ اعتڪاف جون رونقون لڳي ويون ۞ افسوس! هاڻي ماهِ رمضان جو هي آخري عشرو به اختتام ڏانهن وڌي رهيو آهي، افسوس! صد افسوس! عنقريب، بس ڪجهه ئي ڏينهن کان پوءِ ماهِ رمضان اسان کان رخصت ٿي ويندو.

آہ! رمضان اب جا رہا ہے | ہائے تڑپا کے رمضان چلا ہے
ٹکڑے ٹکڑے مرا دِل ہوا ہے | ہائے تڑپا کے رمضان چلا ہے
جلد رخصت کا وقت آ گیا ہے | ہائے تڑپا کے رمضان چلا ہے
سب کو روتا ہوا چھوڑتا ہے | ہائے تڑپا کے رمضان چلا ہے (1)

## بچيل زندگي انمول آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اجان رمضان المبارڪ جا ڪجھ ڏينهن باقي آهن، اسان کي گهرجي تہ انهن کي غنيمت سمجهون، مسلمانن جي چوٿين خليفي حضرت علي المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو تمام پيارو فرمان آهي تہ بَقِيَّةُ عُمْرِ الرَّجُلِ لَا ثَمَنَ لَهٗ يعني ماڻهوءَ جي جيڪا پوئتي بچيل زندگي آهي اها انمول آهي. (2)

واقعي هيءَ حقيقت آهي جيڪي لمحا گذري چڪا اهي تہ گذري ويا هاڻي ڪڏهن بہ موٽي ڪونہ ايندا، جيڪي لمحا اسان کي ميسر آهن، اهي انمول آهن، اسان کي گهرجي تہ انهن مان فائدو حاصل ڪيون ايندڙ سال رمضان المبارڪ اسان ڏسي سگهنداسين يا نہ، اهو تہ اسان نہ ٿا ڄاڻون تنهنڪري هي جيڪي ڪجھ ڏينهن باقي بچيا آهن، انهن ۾ خوب دل لڳائي نيڪيون ڪري وٺون، هاڻي هڪ هڪ منٽ قيمتي آهي، هڪ لمحو بہ ضايع ڪرڻ جي بغير گهٽي کان گهٽيون برڪتون سهيڙي وٺون. اسان وٽ اجان هڪ طاق (اِڪي) رات يعني اڄ جيڪا رات ايندي، 29 هين رات باقي آهي۞ ان کان پوءِ لَيْلَةُ الْجَائِزَہ (يعني عيد جي چنڊ جي رات) بہ اچڻي آهي۞ اها عظيم رات جو پوري ماهِ رمضان ۾ جيترن جي بہ بخشش ٿي چڪي هوندي آهي، انهن سيني جي تعداد جي برابر ماڻهن جي بخشش هن هڪ رات ۾ ڪئي ويندي آهي. (3) يعني اسان لاءِ موقعا ئي موقعا آهن، بس اسان کي قدر نصيب ٿي وڃي. اسان انهن قيمتي گهڙين مان صحيح معنيٰ ۾ فائدو حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

1... وسائل بخشش، صفحہ:683۔

2... الزہد الکبیر للبیہقی، صفحہ:295، رقم:779۔

3... شُعَبُ الْاِیمان، باب الصیام، فضائل شہر رمضان، جلد:3، صفحہ:304، حدیث:3606 ملخصاً۔

# رمضان جون يادگيريون سنڀالي رکو!

پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا جو دستور آهي تہ جڏهن ڪو پيارو اسان کان جدا ٿيندو آهي تہ اسين ان جي ڪا نہ ڪا نشاني پاڻ وٽ سنڀالي رکندا آهيون. هاڻي اسان جو انتهائي پيارو، تمام محبوب مهينو، رب جو مهمان ماهِ رمضان اسان کان جدا ٿي رهيو آهي، اسان کي گهرجي تہ اسان ان جي نشاني پاڻ وٽ محفوظ رکون.

**رمضان شريف جي نشاني ڪهڙي آهي؟ 5 وقت مسجد جي حاضري...!!** هونئن تہ ظاهري ڳالهہ آهي تہ نماز فقط رمضان ۾ نہ بلڪ سڄو سال ئي فرض آهي پر اسان وٽ تمام افسوسناڪ حالت آهي، **رمضان شريف** جي اچڻ سان ئي مسجدون خوب آباد ٿي وينديون آهن پر جيئن ئي **رمضان شريف** رخصت ٿيندو آهي، چنڊ رات جي عشاء جي نماز ۾ ئي مسجدون خالي خالي نظر اچڻ لڳنديون آهن. التجا آهي تہ **رمضان المبارڪ** جي يادگار طور ئي سهي اسان نماز کي هميشہ هميشہ لاءِ اپنائي ونون، ماهِ رمضان جي عزت جي نيت سان، هن مهمان جي نشاني طور اسان سڀ پڪا نمازي بڻجي وڃون، روزانو نماز پڙهون، 5 جون 5 ئي ادا ڪيون بلڪ مسجد ۾ جماعتِ اوليٰ سان نماز پڙهڻ جي پڪي عادت اختيار ڪيون. ڪاش! صد ڪروڙ ڪاش! مسلمانن جو ٻچو ٻچو، سڄو پڪو نمازي بڻجي وڃي. اي ڪاش! اسان جو اهو ذهن بڻجي وڃي تہ سڀئي نمازون سڄو سال، اچو تہ! گڏجي اهو عزم ڪيون تہ ”سڀئي نمازون سڄو سال“

ہر عبادت سے برتر عبادت نماز | ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نماز
یاخدا تجھ سے عطار کی ہے دُعا! | مصطفٰے کی پڑھے ساری اُمّت نماز

ياالله پاڪ! اسان کي پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# گناهہ وڻ جي پنن وانگر ڇڻندا آهن

حضرت ابوعثمان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو مان صحابيءِ رسول حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ سان گڏ هڪ وڻ جي هيٺان ويٺو هئس. انهن رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ان

وڻ جي هڪ خشڪ ٽاري کي پڪڙيو ۽ ان کي لوڏو ڏنائون، ٽاري جيئن ته خشڪ هئي ۽ ان جا پن به سڪل هئا، تنهنڪري لوڏو ڏيڻ سان ان جا پن ڇڻي ڪِري پيا. پاڻ فرمايائون: اي ابوعثمان! ڇا مون کان نه پڇندين ته مون ائين ڇو ڪيو؟ مون عرض ڪيو: فرمايو! اوهان ائين ڇو ڪيو؟ فرمايائون: هڪ ڀيرو مان سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ هڪ وڻ جي هيٺان بيٺو هيس، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايئن ئي ڪيو، ان وڻ جي هڪ خشڪ ٽاري کي پڪڙي لوڏايو، ايستائين جو ان جا پن ڇڻي ڪِري پيا، پوءِ فرمايائون: اي سلمان! ڇا تون مون کان نه پڇندين ته مون ائين ڇو ڪيو؟ مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو! ائين ڇو ڪيو؟ فرمايائون: بيشڪ جڏهن مسلمان چڱي طرح وضو ڪندو آهي ۽ پنج ئي نمازون ادا ڪندو آهي ته ان جا گناهه ائين ڇڻندا آهن، جيئن هي پن ڇڻي رهيا آهن. [1]

میرے نبی کی آنکھوں کی راحت نماز ہے
کوثر ہے، دل کا چین ہے جنت نماز ہے

کرتے رہو وضو تو یہ جھڑتے رہیں گناہ
پاکیزگیِ جاں کی علامت نماز ہے

نیکی سے روکتی ہیں بری عادتیں ہمیں
اور جو گناہ سے روکے وہ عادت نماز ہے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نماز ڪنهن تي فرض آهي؟

اي خوش نصيب عاشقانِ نماز! نماز اسان گنهگارن لاءِ تمام وڏي نعمت آهي ۞ منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نمازِ پنج وقته الله پاڪ جي اها نعمتِ عظميٰ آهي جيڪا هن پنهنجي خاص مهرباني سان خاص اسان کي عطا فرمائي آهي ۽ اسان کان پهريان ڪنهن به امت کي نه ملي آهي. [2] ۞ ياد رکو! هر مسلمان عاقِل بالغ مرد ۽ عورت تي روزانو 5 وقت نماز فرض آهي. ان جي فرضيت (يعني فرض هجڻ) جو انڪار ڪفر آهي. جيڪو ڄاڻي واڻي هڪ نماز به ترڪ ڪري (يعني ڇڏي ڏي) اهو فاسِق، سخت گناهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار آهي. [3]

جنت اے بے نمازیو! کس طرح پاؤ گے؟
ناراض رب ہوا تو جہنم میں جاؤ گے

1... مسند احمد، جلد:9، صفحہ:611، حديث:24350۔
2...فتاویٰ رضویہ ،جلد:5، صفحہ:43۔
3...فيضانِ نماز، صفحہ:8۔

# نماز جون مختصر فضيلتون

اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو تمام پيارو ڪتاب آهي فيضانِ نماز ان ۾ اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مختلف احاديث ۽ روايتن موجب نماز جا فضائل بيان ڪندي لکن ٿا: ۞ الله پاڪ جي خوشنودي جو سبب نماز آهي ۞ مڪي مدني آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اکين جو ٺارُ نماز آهي ۞ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جي سنت نماز آهي ۞ نماز اونداهي قبر جو ڏيئو آهي ۞ نماز عذابِ قبر کان بچائيندي آهي ۞ نماز قيامت جي گرمي ۾ ڇانوَ آهي ۞ نماز پل صراط تي آساني آهي ۞ نماز نور آهي ۞ نماز جنت جي ڪنجي آهي ۞ نماز جهنم جي عذاب کان بچائيندي آهي ۞ نماز سان رحمت نازل ٿيندي آهي ۞ الله پاڪ محشر جي ڏينهن نمازي کان راضي ٿيندو ۞ نماز دين جو ٿنڀو آهي ۞ نماز سان گناهه معاف ٿيندا آهن ۞ نماز دعائن جي قبوليت جو سبب آهي ۞ نماز بيمارين کان بچائيندي آهي ۞ نماز سان بدن کي راحت ملندي آهي ۞ نماز سان روزيءَ ۾ برڪت ٿيندي آهي ۞ نماز بي حيائي ۽ برن ڪمن کان بچائيندي آهي ۞ نماز شيطان کي ناپسند آهي ۞ نماز قبر جي اونداهي ۾ اڪيلائي جو ساٿي آهي ۞ نماز نيڪين جي پلڙي کي وزني بڻائيندي آهي ۞ نماز مومن جو معراج آهي ۞ نماز جو وقت تي ادا ڪرڻ سيني عملن کان افضل آهي ۽ نمازي جي لاءِ سڀ کان وڏي نعمت اها آهي تہ ان کي قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جو ديدار ٿيندو. [1]

ہر عبادت سے بَرتر عبادت نَماز ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نَماز
قلبِ غمگیں کا سامانِ فَرحت نَماز ہے مریضوں کو پیغامِ صحّت نَماز
نارِ دوزخ سے بے شک بچائے گی یہ ربّ سے دلوائے گی تم کو جنت نَماز [2]

1...فيضانِ نَماز،صفحه:10- 11-
2...وسائلِ فِردَوس ،صفحه:22-

# نماز مقرر وقت ۾ فرض آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! نماز اسان تي وقت مقرر ڪيل فرض آهي. پارو: 5، سورة نساء، آيت:103 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ الصَّلٰوةَ كَانَتْ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ كِتٰبًا مَّوْقُوْتًا ﴿۱۰۳﴾ | ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ نماز مسلمانن تي مقرر وقت ۾ فرض آهي. |

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: (معلوم ٿيو) نماز جا وقت مقرر آهن تنهنڪري لازم آهي تہ انهن وقتن جو خيال ڪيو وڃي. [1]

# 5 نمازن جو ذڪر قرآن ڪريم ۾

ڪجھ ماڻهو هي سوال پڇندا آهن تہ ڇا قرآن ڪريم ۾ پنجن ئي نمازن ۽ انهن جي وقتن جو ذڪر موجود آهي؟ اهو سوال هڪ ڀيرو سُلطانُ الْمُفَسِّرِيْن، حضرت عبد الله بن عبّاس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُما کان بہ پڇيو ويو هو. ڪنهن عرض ڪيو: ڇا قرآن ڪريم ۾ 5 نمازن جا وقت بيان ڪيا ويا آهن؟ فرمايائون: ها! قرآن ڪريم جي ٻن آيتن ۾ پنجن نمازن جا وقت گڏ ڪيا ويا آهن. پوءِ پاڻ سيپارو : 21، سورت رُوم جي آيت: 17 ۽ 18 تلاوت فرمائي:

| | |
|---|---|
| فَسُبْحٰنَ اللّٰهِ حِيْنَ تُمْسُوْنَ وَ حِيْنَ تُصْبِحُوْنَ ﴿۱۷﴾ وَ لَهُ الْحَمْدُ فِي السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ عَشِيًّا وَّ حِيْنَ تُظْهِرُوْنَ ﴿۱۸﴾ | ترجموڪنزالعرفان: پوءِ الله جي پاڪائي بيان ڪيو جڏهن شام ڪيو ۽ جڏهن صبح ڪيو ۽ انهيءَ جي لاءِ تعريف آهي آسمانن ۽ زمين ۾ ۽ ان وقت جڏهن ڏينهن جو ڪجھ حصو باقي هجي ۽ جڏهن توهان منجهند (ٻيپهري) ڪيو. |

پوءِ حضرت عبدالله بن عبّاس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُما فرمايو: (هن آيت ۾ تسبيح مان مراد نماز آهي ۽) ۞ شام جي تسبيح مان مراد نمازِ مغرب ۽ عشاء آهي ۞ صبح جي تسبيح مان مراد نمازِ فجر آهي ۞ جڏهن ڏينهن جو ڪجھ حصو

1... صراط الجنان، پاره: 5، سورة النساء، زير آيت: 103، جلد: 2، صفحه: 292۔

باقي هجي، ان وقت جي تسبيح مان مراد **نمازِ عصر** آهي ۽ ۞ ٻپهري جي تسبيح مان مراد **ظهر جي نماز** آهي. [1]

## جنگ جي حالت ۾ بہ نماز جي اهميت

معلوم ٿيو تہ نمازن جا وقت مقرر آهن ۽ هر نماز کي ان جي مقرر ڪيل وقت ۾ ئي پڙهڻ لازم ۽ ضروري آهي. هڪ بہ نماز جو وقت گذاري ڇڏڻ يعني نماز قضا ڪرڻ تمام سخت گناهہ آهي. [2] ٻانهي کي ڪيڏي بہ مجبوري هجي، جيسيتائين شريعت اجازت نہ ڏئي، نماز کي ان جي وقت کان هٽائڻ، مثلاً هي سوچڻ ته هاڻي مصروف آهيان، ظهر جي نماز عصر جي وقت پڙهي وٺندس، مغرب جي نماز عشاء جي وقت پڙهي وٺندس، هي انداز هرگز جائز نہ آهي.

هڪ ڀيرو جنگ جو موقعو هو غير مسلمن پاڻ ۾ سازش ڪئي تہ عصر جو وقت ٿيڻ وارو آهي، مسلمانن کي نماز تمام گهڻي پياري آهي جڏهن هي نماز پڙهندا تہ ان وقت اسان انهن تي حملو ڪنداسين. اها انهن سازش ڪئي، هوڏانهن الله پاڪ حضرت جبريل امين عَلَیْہِ السَّلَام کي موڪليو، پنجين سيپاري جون آيتون نازل ٿيون، ان ۾ الله پاڪ نمازِ خوف جو پورو طريقو ٻڌايو تہ جڏهن اهڙو معاملو پيش اچي وڃي، ان وقت 2 ٽولن ۾ ورهائجي وڃو! هڪ ٽولو جماعت ۾ شامِل ٿي، امام سان گڏ هڪ رڪعت پڙهي، ٻيو ٽولو دشمن سان مقابلو ڪندو رهي، پوءِ پهريون ٽولو دشمن جي مقابلي تي اچي وڃي ۽ ٻيو ٽولو امام سان گڏ جماعت ۾ شامِل ٿي وڃي. [3] هي هڪ پورو طريقو آهي جيڪو قرآن ڪريم ۾ تفصيل سان ٻڌايو ويو آهي، هن مان توهان اندازو لڳايو تہ نماز کي ان جي وقت جي اندر ئي پڙهڻ ڪيترو ضروري آهي. حالتِ جنگ ۾ بہ ظهر ۽ عصر يا مغرب ۽ عشاء گڏ ڪري پڙهڻ جي اجازت نہ ڏني وئي.

خبر پئي تہ چاهي ڪيتري بہ مجبوري هجي ۞ متي ۾ سور هجي يا بخار هجي ۞ ڊاڪٽر سان ملڻو هجي يا ضروري شاپنگ ڪرڻي هجي ۞ عيد هجي يا تهوار هجن ۞ شادي هجي يا جنازي ۾ شرڪت ڪرڻي هجي ۞ افطار پارٽي

---

1... تفسير طبری ، پاره: 21، سورۂ روم، زير آيت: 17-18، جلد: 10، صفحہ: 174 ، رقم:27923۔
2... بہارِ شريعت، جلد:1، صفحہ:700، حصّہ:4 ملتقطاً۔
3...مسند ابی يعلیٰ، جلد:2، صفحہ:683، حديث:1444 خلاصةً۔

هجي يا سالگره جو فنڪشن ۞ بس چڙهڻي پئجي وڃي يا سفر روڪڻو پئجي وڃي، هر صورت ۾ نماز کي ان جي وقت ۾ ئي پڙهڻ لازمي آهي، دنيا جو هر ڪم رڪجي سگهي ٿو پر جيستائين شريعت اجازت نه ڏئي، تيستائين نماز کي ان جي وقت کان هٽائڻ هرگز هرگز جائز نه آهي

## نمازِ مغرب ۾ دير ڪيائون ته . . .

هڪ ڀيرو پير مهر علي شاهه صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه سفر تي هئا، ڪجهه دوست وغيره به ساڻس گڏ هئا ڪار ۾ سفر تي رهيو هو، دوران سفر مغرب جي نماز جو وقت ٿي ويو، پير صاحب فرمايو: گاڏي روڪي نماز مغرب ادا ڪري وٺجي. هڪ صاحب چيو: بس گهر اچڻ ئي وارو آهي، اسان پنهنجي منزل تي پهچي پڙهي وٺنداسين.

سفر جي حالت ۾ جيئن ته جماعت واجب نه هوندي آهي [(1)] ۽ وقت جي اندر اندر ئي منزل تي پهچڻو به هو، جيئن ته اهو ئي طئي ٿيو ته منزل تي پهچي ڪري ئي نماز پڙهجي. اهو سوچي سفر جاري رکيو ويو، اڃان ٿورو ئي اڳتي ويا هئا ته اچانڪ حادثو ٿيو ۽ گاڏي ڪَلٽي تي پئي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! ڪو به جاني نقصان نه ٿيو، سڀ محفوظ رهيا. ان وقت پير مهر علي شاهه صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: **هي نماز ۾ بغير سبب جي دير ڪرڻ جو وبال آهي.** [(2)]

پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي صحيح ڳالهه آهي، اسان جن ڳالهين کي بهانو بڻائي نمازن ۾ دير ڪندا آهيون ڪهڙي خبر ته نماز ۾ دير جي سبب اسان جا ڪم رڪجي وڃن يا ڪنهن آزمائش کي مُنهن ڏيڻو پئجي وڃي، ان لاءِ اسان کي گهرجي ته جيئن ئي نماز جو وقت ٿئي فوراً نماز باجماعت جو اهتمام ڪيون، ان کان پوءِ وڃي پنهنجن ڪمن ۾ مصروف ٿيون، الله پاڪ چاهيو ته اِنۡ شَآءَاللّٰهُ الۡكَرِيۡم! نماز جي برڪت سان ڪم پورا ٿي ويندا. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

1... درمختار،ڪتاب الصلاة،باب الامامة،صفحه:76ماخوذاً۔
2...مهرِ منير، صفحه:325۔

# صاحبِ بهارِ شريعت جو نرالو جذبو

صاحب بهار شريعت مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو واقعو آهي، پاڻ هڪ ڀيرو اجمير شريف ۾ هئا، شديد بيمار ٿي پيا، ايسيتائين جو بيهوشي طاري ٿي وئي، ٻيپهري کان پهريان بيهوش ٿيا ۽ عصر تائين بيهوش ئي رهيا. حافظ ملت علامہ عبد العزيز رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ خدمت ۾ حاضر هئا، مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کي جڏهن هوش آيو تہ سڀ کان پهريان اهو ئي پڇيائون تہ : ظهر جو وقت آهي يا نہ؟ عرض ڪيو ويو: ظهر جو وقت تہ ختم ٿي ويو آهي. اهو ٻڌي ڪين ايتري تڪليف ٿي جو سندن اکيون پرجي آيون. حافظ ملت رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ عرض ڪيو: ڇا حضور کي ڪا تڪليف آهي؟ فرمايائون: (تمام وڏي تڪليف آهي جو) ظهر جي نماز قضا ٿي وئي. عرض ڪيو ويو: اوهان بيهوش هئا ۽ بيهوشي ۾ قضا ٿي ويل نماز تي پڪڙ نہ آهي. (ظاهر آهي بيهوش ماڻهو نماز پڙهڻ جي طاقت ئي نہ رکندو آهي تہ قضا ٿيڻ ان جي مرضي سان نہ آهي، لهٰذا پڪڙ بہ نہ آهي) پر نيڪ ماڻهن جو شان ئي نرالو آهي، پاڻ تڙپي فرمايو: اوهان پڪڙ ٿيڻ (يا نہ ٿيڻ) جي ڳالهہ ٿا ڪيو، **مقرر ٿيل وقت تي دربارِ الٰهي ۾ حاضري کان تہ محروم رهيس.**[1]

میں پانچوں نمازیں پڑھوں باجماعت | ہو توفیق ایسی عطا یاالٰہی!
میں پڑھتا رہوں سنّتیں وقت ہی پر | ہوں سارے نوافل ادا یاالٰہی![2]

# معرفت جا دروازا کلڻ جو وقت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ نمازن سان محبت ڪيون، اسان جون مجبوريون پنهنجي جاءِ تي البتہ شريعت نماز جو جيڪو وقت مقرر ڪيو آهي، ان جي بہ پنهنجي اهميت ۽ فضيلت آهي، بارگاهِ الٰهي ۾ حاضري جي مقرر وقت ئي ۾ اسان جي حاضري ٿي وڃي، اسان هڪ وقت جي حاضري کان بہ محروم نہ رهون، ان جي ڀرپور ڪوشش جاري رکڻ گهرجي.

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: جيئن ڪاڌي کائڻ جو هڪ وقت هوندو آهي، جيڪڏهن بي وقت ڪاڌو، کاڌو وڃي تہ بدن کي طاقت ڏيڻ جي بجاءِ الٽو بيمار ڪري ڇڏيندو

1... تذڪره صدر الشريعہ، صفحہ: 30ملخصاً۔
2...وسائل بخشش، صفحہ: 102۔

آهي، اهڙيءَ طرح دل (جي خوراڪ يعني ان) تي، معرفت جا دروازا کلڻ جو به هڪ خاص وقت هوندو آهي ۽ 5 نمازون جيڪي فرض آهن، اهي عين انهن ئي وقتن ۾ فرض آهن، جڏهن دل تي انوار ۽ تجليون وسنديون آهن، تنهنڪري جنگ هجي يا امن هجي، سفر هجي يا گهر هجي، هر حالت ۾ انهن وقتن جو لحاظ رکڻ ۽ نمازون انهن ئي وقتن ۾ پڙهڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. [1]

معلوم ٿيو ته معرفت جا دروازا کلڻ جا وقت مقرر آهن، انهن کان علاوه ٻين وقتن ۾ اهي دروازا نه کلندا، لهٰذا ضروري آهي ته اسان هر نماز کي ان جي مقرر وقت جي اندر ئي ادا ڪيون.

## سڀ نمازون هڪ ئي وقت ۾ ڇو نه رکيون ويون

مشهور مفسر قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ سوال ڪيو ويو: 5 نمازن جا اهي ئي وقت ڇو مقرر ڪيا ويا آهن (ايئن به ته ٿي سگهيو پئي ته پنج ئي نمازون ڏينهن ۾ هڪ ئي وقت پڙهي فارغ ٿي وڃون ها ۽ پوءِ آرام سان ٻيا ڪم ڪار ڪيون ها).

مفتي صاحب ان جو جيڪو جواب ڏنو، ان کي مان پنهنجن لفظن ۾ ڪجهه وضاحت سان توهان جي سامهون رکان ٿو، اوهان فرمايو: نمازن جا الڳ الڳ وقت مقرر ڪرڻ ۾ حڪمت اها آهي ته اهڙيءَ طرح مؤمن جي هر حالت الله پاڪ جي ذڪر سان شروع ٿيندي آهي، 24 ڪلاڪن ۾ انسان جون پنج حالتون آهن ۞صبح جي وقت ڏينهن جي ابتدا آهي جڏهن ته نئين زندگي ملي هجي، تنهنڪري حڪم ٿيو ته پهريان نماز پڙهي، ڏينهن جي شروعات ٿيڻ ۽ نئين زندگي نصيب ٿيڻ تي الله پاڪ جو شڪر ادا ڪيو! ڏينهن جي ابتدا ذڪر الٰهي سان ڪيو! ابتداء سٺي ٿيندي ته اميد آهي ته انتها به سٺي ٿي ويندي ۞ پوءِ ماڻهو ڪم ڪار ۾ مصروف ٿي ويندو آهي، منجهند جي وقت ڏينهن جي ٻئي حصي جي ابتدا ٿيندي آهي، تنهنڪري حڪم ٿيو ته ڪم ڪار کان ڪجهه دير وقفو ڪيو! نماز ظهر ادا ڪري وٺو! پهريان جيڪو ڏينهن گذري ويو ان جو شڪر ادا ٿي ويندو ۽ ڏينهن جي ٻئي حصي جي ابتدا الله پاڪ جي ذڪر سان ٿي ويندي ۞ عصر جي وقت ڏينهن پنهنجي اختتام جي ويجهو پهچي ويو، ان

1... تفسير نَظۡمُ الدُّرَر ، پاره: 5، سورة النساء، زير آيت: 103، جلد: 2، صفحه: 310خلاصةً۔

وقت تجارت ۽ ڪم ڪار ڪرڻ وارا پنهنجو ڪم سميٽڻ جي تياري شروع ڪري ڏيندا آهن ۽ هي وقت تجارت جي خوب فروغ جو وقت هوندو آهي، ماڻهو ڪم ڪار کان فارغ ٿي پنهنجين ضرورتن مطابق خريداري ڪندا آهن، تنهنڪري حڪم ٿيو: نماز عصر پڙهي سموري ڏينهن جي تجارت ۽ ڪم ڪار جو شڪر بہ ادا ڪيو ۽ ڏينهن جي پڇاڙي بہ بهتر ڪري ونو۞ سج لهڻ سان ڏينهن جو اختتام ٿيو، رات جي شروعات ٿي وئي، تنهنڪري سڄي ڏينهن جو شڪر ادا ڪرڻ ۽ رات جي شروعات بهتر ڪرڻ لاءِ نماز جو حڪم ڪيو ويو ۞ پوءِ رات پوري طرح ڇانئجي وئي، هاڻي سمهڻ جو وقت ٿيو آهي، ننڊ جيڪا هڪ قسم جو موت آهي، ان جي شروعات ٿي رهي آهي، تنهنڪري حڪم ٿيو: عشاء جي نماز پڙهي سمهو! متان اها اوهان جي آخري ننڊ هجي، جيڪڏهن ائين ٿيو تہ زندگيءَ جو خاتمو سنو ٿي ويندو، جيڪڏهن اها آخري ننڊ نہ هوندي تہ رات سني نموني گذري ويندي ۽ صبح جو تازو توانو اٿڻ نصيب ٿيندو. [1]

## 5 نمازن جي الڳ الڳ فضيلت

حضرت ڪعبُ الاحبار رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ فرمائن ٿا: مون توريت شريف جي ڪنهن حصي ۾ پڙهيو (الله پاڪ فرمائي ٿو): ۞ اي موسیٰ! فجر جون 2 رڪعتون احمد (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) ۽ سندس امت ادا ڪندي، جيڪو انهن کي پڙهندو، ان جا ان ڏينهن ۽ رات جا سڀ گناهہ بخشي ڇڏيندس ۽ هو منهنجي ذمي ۾ هوندو ۞ اي موسیٰ (عَلَیۡہِ السَّلَام)! ظهر جون 4 رڪعتون احمد (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) ۽ سندس امت پڙهندي، انهن کي پهرين رڪعت جي بدلي ۾ معافي ڏيندس، ٻيءَ جي بدلي ۾ انهن جي (نيڪين جو) پلڙو ڳرو ڪندس، ٽينءَ جي لاءِ فرشتا مقرر ڪندس تہ تسبيح (يعني الله پاڪ جي پاڪائي) بيان ڪندا رهندا ۽ انهن جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪندا رهندا ۽ چوٿينءَ جي بدلي ۾ انهن جي لاءِ آسمان جا دروازا کولي ڇڏيندس، وڏين وڏين اکين واريون حورون انهن تي شوق مان نظرون وجهنديون ۞ اي موسیٰ (عَلَیۡہِ السَّلَام)! عصر جون 4 رڪعتون احمد (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) ۽ سندس امت ادا ڪندي تہ ستن آسمانن ۽ زمين ۾ ڪو بہ فرشتو باقي نہ بچندو سيئي انهن

1... رسائلِ نعيميہ، اسرار الاحڪام، صفحہ:283۔

جي مغفرت گهرندا ۽ فرشتا جنهن جي مغفرت جا طلبگار هوندا مان انهن کي ڪڏهن بہ عذاب نہ ڏيندس ۞ اي موسىٰ (عَلَيْهِ السَّلَام)! مغرب جون 3 رڪعتون آهن، انهن کي احمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ۽ سندس امت پڙهندي تہ آسمان جا سڀ دروازا انهن لاءِ کولي ڇڏيندس، جيڪا بہ حاجت گهرندا، ان کي ضرور پورو ڪندس ۞ اي موسىٰ (عَلَيْهِ السَّلَام)! شفق جي ٻڏي وڃڻ وقت يعني عشا جون 4 رڪعتون آهن، انهن کي احمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ۽ سندس امت پڙهندي، اهي دنيا ۽ ان جي هر شيءِ کان انهن جي لاءِ بهتر آهن، اهي انهن کي گناهن کان ايئن پاڪ ڪنديون جڻ پنهنجي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيا آهن ۞ اي موسىٰ (عَلَيْهِ السَّلَام)! احمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ۽ سندس امت وضو ڪندا جيئن منهنجو حڪم آهي، مان انهن کي پاڻيءِ جي هر ٽِمَندڙ قطري جي بدلي زمين ۽ آسمان جي وسعت برابر جنت عطا ڪندس ۞ اي موسىٰ (عَلَيْهِ السَّلَام)! احمد (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ۽ سندس امت هر سال هڪ مهيني جا روزا رکندا ۽ اهو مهينو رمضان آهي، مان عطا ڪندس، مان انهن کي هر ڏينهن جي روزي جي بدلي جنت ۾ هڪ شهر عطا ڪندس، هن مهيني ۾ انهن کي نفل جي بدلي ۾ فرض جو ثواب عطا ڪندس، هن مهيني ۾ انهن کي لَيۡلَةُ الۡقَدۡر ڏيندس، جيڪو هن مهيني ۾ شرمندگي ۽ سچائي سان هڪ ڀيرو توبهہ ڪندو، جيڪڏهن انهيءَ رات يا انهيءَ مهيني ۾ مري ويو تہ کيس 30 شهيدن جو ثواب عطا ڪندس.[1]

پڑھتے رہو نماز کہ جنّت میں جاؤ گے
ہو گا وہ تم پہ فضل کہ دیکھے ہی جاؤ گے

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ 5 نمازن جا الڳ الڳ وقت مقرر ڪرڻ جون الڳ الڳ فضيلتون ۽ الڳ الڳ حڪمتون آهن، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ انهن فضيلتن کي حاصل ڪريون، هر نماز کي ان جي مقرر وقت ۾ ادا ڪيون، خواهہ ڪهڙي بہ مجبوري هجي، هر مجبوري کي پاسي تي رکي پهريان نماز پڙهون، پوءِ ٻيا ڪم ڪريون. الله پاڪ اسان کي ان جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1... تنبيہ الغافلين، فضل امة مُحَمَّد، صفحہ: 293 ملخصاً.

## نماز وقت گذاري پڙهڻ جو وبال

ياد رکو! نماز کي ان جي وقت کان هٽائڻ يعني قضا ڪرڻ انتهائي سخت گناهه آهي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

فَخَلَفَ مِنْۢ بَعْدِهِمْ خَلْفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوةَ (پاره: 16، سورة مريم: 59)

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ انهن جي پنيان انهن جي جاءِ تي اهي نالائق ماڻهو آيا جن نمازون ضايع ڪيون.

صحابيءِ رسول حضرت عبد الله بن مسعود رَضِيَ اللہُ عَنْہُ هن آيت جي تفسير ۾ فرمائن ٿا: ان جو هي مطلب ناهي تہ اهي ماڻهو بلڪل نماز ئي نہ پڙهندا هئا پر مطلب هي آهي تہ اهي ماڻهو نماز جو وقت گذاري نماز پڙهندا هئا يعني قضا ڪري پڙهندا هئا. (1)

## الله ۽ رسول جي ذمّي کان بري

الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو ڄاڻي واڻي هڪ نماز ڇڏي، ن کان الله پاڪ ۽ سندس رسول صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ذمّو ختم ٿي ويندو. (2)

اعلیٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: جنهن ڄاڻي واڻي هڪ وقت جي نماز ڇڏي اهو هزارين سال جهنم ۾ رهڻ جو حقدار ٿي ويو، جيستائين توبهہ نہ ڪري ۽ ان جي قضا نہ ڪري. (3)

## بي نمازي جي لاءِ 3 شامتون

منقول آهي: قيامت جي ڏينهن نمازن ۾ سستي ڪرڻ وارو اهڙي حال ۾ ايندو جو ان جي پيشاني تي 3 سٽون لکيل هونديون: (1) اي الله جو حق برباد ڪرڻ وارا! (2) اي الله جي غضب سان مخصوص! (3) جيئن دنيا ۾ تو الله پاڪ جو حق ضايع ڪيو، تيئن تون بہ اڄ الله پاڪ جي رحمت کان مايوس ٿي وڃ. (4)

1... تفسير درمنثور، پاره:16، سورة مريم، زيرِ آيت:59، جلد:5، صفحه:526.
2... مسند امام احمد،جلد:11، صفحه:271، حديث:28126 .
3... فتاویٰ رضويه ،جلد:9،صفحه:158 بتصرف قليل.
4...الزواجر،الكبيرة السابعة و السبعون،جلد:1 ،صفحه:256.

پڑھتے رہو نماز تو جنت کو پاؤ گئے | چھوڑو گے گر نماز جہنم میں جاؤ گے

## معراج جي رات عذاب ۾ ڏٺو

رسول هاشمي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم معراج جي رات انهن ماڻهن وٽ تشريف فرما ٿيا جن جا مٿا پٿرن سان چِٿيا پئي ويا، جڏهن به انهن کي چٿيو پئي ويو ته اهي ٻيهر پهريان وانگر درست ۽ سالم ٿي پئي ويا ۽ هي سلسلو ايئن ئي هلندو رهيو، ته پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڇيو: اي جبرائيل! هي ڪير آهن؟ عرض ڪيو ويو: هي اهي ماڻهو آهن جن جا مٿا نماز پڙهڻ کان ڳرا ٿي ويندا هئا (يعني هي فرض نماز ڇڏي ڏيندا هئا). [(1)]

پيارا اسلامي ڀائرو! ٿڌيءَ دل سان ٿورو نه پر پورو سوچيو! غور ڪيو! اڄ جيڪڏهن مٿي ۾ معمولي ڏک لڳندو آهي ته ماڻهو تڙپي پوندو آهي پر ڏک لڳڻ ته پري جي ڳالهه آهي جيڪڏهن صرف مٿي ۾ سور ئي پئجي وڃي ته ننڊ اڏامي ويندي آهي، زندگي بي مزي لڳڻ لڳندي آهي. پوءِ سوچيو ته جيڪڏهن نمازون قضا ڪرڻ جي صورت ۾ اسان جو نازڪ مٿو فرشتن پٿرن سان چٿڻ شروع ڪيو ته اسان جو ڇا ٿيندو! ڪاش! ڪاش! ڪاش! سڀ مسلمان پڪا نمازي بڻجي وڃن.

توفیق دے الٰہی مجھے تو نماز کی | صدقے میں مصطفٰے کے بنے خو نماز کی

## بي حساب جنت ۾ داخلا

سردارِ مڪہ، تاجدار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: الله پاڪ ڏينهن ۾ 5 نمازون فرض ڪيون آهن، جيڪو به انهن کي ادا ڪري ۽ ناحق انهن کي ضايع نہ ڪري، تہ الله پاڪ وٽ ان لاءِ واعدو آهي تہ الله پاڪ ان کي جنت ۾ داخل ڪندو. [(2)]

---

1... مسند بزار، جلد:17، صفحہ:5، حديث:9518۔
2... مسند فردوس، جلد:3، صفحہ:171، حديث:4455۔

## نمازن جي وقت جو خيال رکو!

پيارا اسلامي ڀائرو! نماز جيئن تہ وقت مقرر ڪيل فرض آهي، لهٰذا اسان کي گهرجي تہ نمازن جي وقت جو خيال رکون. حضرت ابو درداء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ دوستن کي فرمايو: جيڪڏهن توهان چاهيو تہ مان ضرور قسم کڻندس، پوءِ فرمايائون: الله جو قسم! جنهن ڪان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق نہ آهي، بيشڪ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ سڀني ٻانهن ڪان وڌيڪ عظمت وارا اهي ماڻهو آهن جيڪي رات ڏينهن سج ۽ چنڊ جو خيال رکندا آهن. دوستن عرض ڪيو: اي ابو درداء! ڇا ان مان مراد مؤذن آهن؟ فرمايائون: جيڪو بہ مسلمان نماز جي وقتن جو خيال رکندو آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو تہ جيڪو ماڻهو نماز جي وقتن جو خيال رکندو آهي، الله پاڪ وٽ ان جي وڏي عزت آهي. اسان کي گهرجي تہ ان جو خيال ڪيون، نماز جي وقتن جي معلومات رکڻ پنهنجي عادت ۾ شامل ڪرڻ گهرجي، اسان کي اها معلومات هجڻ گهرجي تہ اڄڪلهہ ڪهڙي نماز جو وقت ڪڏهن شروع ٿئي ٿو ۽ ڪڏهن ختم ٿئي ٿو ۞ دعوت اسلامي جي هڪ موبائل ايپلي ڪيشن آهي: *PrayerTime* (اوقات الصلاة) هي ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو! ان ۾ پنجن ئي نمازن جا وقت ۽ ان ڪان علاوه ٻيون بہ ڪيتريون ئي سهولتون مهيا ڪيون ويون آهن وقت بوقت ان کي ڏسندا رهو ۞ اهڙيءَ طرح محلي جي مسجد جتي اسان نماز پڙهندا آهيون، آفيس ويندا آهيون تہ آفيس جي ويجهو مسجد ۾ جماعت جا وقت ڪهڙا آهن، ڪهڙي وقت جي نماز جي جماعت ڪيتري بجي ٿيندي آهي، اهو سڀ ڪجهہ پنهنجي معلومات ۾ رکو، پوءِ انهيءَ جي مطابق پنهنجو شيڊيول ترتيب ڏيندا ڪيو.

## دنيا جو سڀ ڪان پهريون الارم

روايتن ۾ آهي: الله پاڪ جا نبي ۽ اسان سڀني جا والد حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام

1... ڪتاب الثقات ، جلد:4، صفحہ:330، حديث:4799۔

جڏهن دنيا ۾ تشريف فرما ٿيا تہ ظاهر آهي هتي ڪم ڪار بہ ڪرڻا پوندا هئا، حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ٻني ٻارو ڪندا هئا، دنيا ۾ نئون نئون قيام هو، گهڙيون، الارم وغيره جهڙيون سهولتون ان وقت ميسر نہ هيون، تنهنڪري انهن اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: اي اللّٰه پاڪ! اهڙي صورت ٿئي جو جڏهن نماز جو وقت ٿي وڃي تہ مونکي ڪنهن طرح خبر پئجي وڃي تہ جيئن مان سڀ ڪم ڇڏي نماز ۾ مصروف ٿي سگهان. ان وقت اللّٰه پاڪ ڪُڪُڙ عطا فرمايو. جڏهن نماز جو وقت ٿيندو هو تہ ڪڪڙ بانگ ڏيندو هو.(1)

سُبْحٰنَ الله! يعني دنيا جو سڀ کان پهريون الارم ڪُڪُڙ آهي ۽ اهو چا جي لاءِ آيو تہ جيئن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي نمازن جي وقتن کان خبردار رکي سگهي.

## ڪڪڙ جڏهن بانگ ڏني

حضرت عبداللّٰه بن مسعود رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي اڳيان هڪ ڪڪڙ بانگ ڏني تہ هڪ شخص چيو: اي اللّٰه! ان تي لعنت ڪر. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: هن تي لعنت نہ ڪيو ۽ هن کي برو نہ چئو، بيشڪ هي نماز لاءِ سڏيندو آهي.(2)

حضرت علامہ ڪمال الدين دميري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: **ڪڪڙ نماز لاءِ سڏيندو آهي.** ان جي معنىٰ اها نہ آهي تہ جڏهن بہ اهو بانگ ڏئي نہ اهو سمجهيو وڃي تہ نماز جو وقت ٿي ويو آهي پر ڪڪڙ جي فطرت ۾ اها ڳالهہ آهي تہ اهو طلوعِ فجر جي وقت بار بار آواز (يعني بانگ) ڏيندو آهي جنهن جي ڪري ماڻهو نماز لاءِ اٿندا آهن ۽ اهڙي طرح ڪڪڙ نماز لاءِ ماڻهن جي جاڳڻ جو هڪ ذريعو آهي، ان کي مرادي طور تي دُعَاءُ الدِّيْكِ اِلَى الصَّلٰوةِ (يعني ڪڪڙ نماز لاءِ سڏيندو آهي) چيو ويو آهي. بهرحال فجر جي وقت جي مُتعلق ان جي اذان يعني بانگ تي ڀروسو هرگز نہ ڪيو وڃي چو تہ گهڻن تجربن سان اها ڳالهہ ثابت ٿي آهي تہ انسانن جو اٿڻ ويهڻ ۽ سندن پيرن جي چاپ ٻڌي صبح صادق کان پهريان بہ ڪڪڙ بانگ ڏيڻ شروع ڪري ڏيندا آهن.(3)

---

1... تاريخ الخميس، المقدمة، جلد:1، صفحہ:102-103۔
2... معجم ڪبير، جلد:5، صفحہ:11، حديث:9675۔
3... حياة الحيوان، جلد:1، صفحہ:479 ملخصاً۔

# امام بخاري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو ذِڪرِ خير

پيارا اسلامي ڀائرو! **ڦهرين شوال شريف** (يعني عيد الفطر جي ڏينهن) عالَم اسلام جي عظيم شخصيت، تمام وڏا عالم دين، محدث، نيڪ، عبادت گذار، ولي ڪامل حضرت امام محمد بن اسماعيل بخاري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جن کي ماڻهو امام بخاري جي نالي سان سڃاڻيندا آهن، انهن جو عرس پاڪ ٿيندو آهي. پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ 13 **شوال شريف** 194 هجري تي بخارا ۾ پيدا ٿيا. [(1)] ۽ 62 سالن جي عمر گذاري **ڦهرين شوال شريف** 256 هجري تي هن فاني دنيا مان رخصت ٿيا. [(2)]

سندن مزار پرانوار سمرقند جي ويجهو خَرتَنڪ نالي وسَندي ۾ آهي.[(3)] امام بخاري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ سڄي زندگي علم حديث جي خوب خدمت ڪئي، پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ وڏا عبادت گذار، زاهد ۽ متقي هئا، امام بخاري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي وفات کان پوءِ به ڪافي عرصي تائين سندن قبر شريف مان مشڪ کان به وڌيڪ سٺي خوشبو ايندي رهي. [(4)]

# امام بخاري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو شوقِ تِلاوت

هڪ ڏينهن امام بخاري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ نماز پڙهي رهيا هئا، ان دوران ماکيءَ جي مک کين 17 جاين تي ڏنگ هنيا، نماز مڪمل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمايو: ڏسو ته ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا نماز ۾ مون کي تڪليف پهچائي رهي هئي؟ شاگردن ڏٺو ته سندن مبارڪ پني 17 جاين تان سُڄيل هئي. امام بخاري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ماکيءَ جي مک جي 17 جاين تي ڏنگڻ جي باوجود به نماز نه ٽوڙڻ بابت فرمايو: مان هڪ آيت جي تلاوت ڪري رهيو هئس ۽ منهنجي اها خواهش هئي ته مان هيءَ آيت پوري ڪري وٺان.

امام بخاري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو معمول هو ته پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ رمضان شريف ۾ هڪ قرآن پاڪ نماز تراويح ۾ مڪمل فرمائيندا هئا، پوءِ نماز تهجد ۾ هر 3 ڏينهن ۾ هڪ قرآن مڪمل ڪندا هئا ۽ سحري کان افطاري تائين هر روز هڪ

1...ہدایۃُ السَّارِی، صفحہ:49۔
2...ہدایۃُ السَّارِی، صفحہ:179۔
3...ہدایۃُ السَّارِی، صفحہ:177۔
4...ہدایۃُ السَّارِی، صفحہ:178۔

قرآن پاڪ مڪمل تلاوت ڪندا هئا. اهڙي طرح جيڪڏهن رمضان شريف 30 ڏينهن جو هوندو هو تہ امام بخاري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه هڪ مهيني ۾ 41 قرآن پاڪ مڪمل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا هئا. [1]

سُبۡحٰنَ الله! الله پاڪ اسان کي بہ نمازن ۽ تلاوت جو اهڙو ذوق ۽ شوق نصيب فرمائي. اجان رمضان شريف جو هڪ يا بہ ڏينهن باقي آهن، جيترو ٿي سگهي تلاوت ڪيو! نمازون پڙهو! نوافل جي ڪثرت ڪيو! ۽ امام بخاري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه کي ايصال ثواب بہ ڪيو! اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيم! دنيا ۽ آخرت جون ڀلايون نصيب ٿينديون. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ليلةُ الجائِزہ (چنڊ رات) ۾ عبادت جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! ماهِ رمضان اسان کان جدا ٿي رهيو آهي، ماهِ ذيشان اسان کي ڇڏي وڃي رهيو آهي، هن مبارڪ مهيني جي هر گهڙي رحمت آهي، الله پاڪ جتي اسان کي ليلة القدر جهڙي عظيم رات عطا ڪئي آهي اتي هن مبارڪ مهيني کان فوراً بعد ليلة الجائزه يعني انعام جي رات بہ عطا فرمائي آهي- ۞ هن رات الله پاڪ پنهنجي رحمتن جو نزول فرمائيندو آهي ۞ هيءَ مغفرت جي رات آهي ۞ هيءَ رات پنهنجي رب جي عبادت ڪرڻ جي رات آهي، تہ جيڪو شخص هن رات ۾ الله پاڪ جي عبادت ڪندو آهي الله پاڪ ان جي لاءِ جنت واجب ڪري ڇڏيندو آهي. [2] ۞ جيڪو شخص هن رات کي الله پاڪ جي عبادت ۾ گذاريندو الله پاڪ ان جي دل مرده نہ فرمائيندو- **حديث پاڪ ۾ آهي:** جنهن عيدين (يعني عيدالفطر ۽ عيدالاضحیٰ) جي رات ثواب جي نيت سان قيام ڪيو تہ ان ڏينهن ان جي دل نہ مرندي، جنهن ڏينهن (ماڻهن جون دليون مري وينديون. [3] ۞ سيني عاشقان رسول خاص طور تي اعتڪاف ڪرڻ وارن کي گهرجي تہ هيءَ رات مسجدن ۾ الله پاڪ جي عبادت ۾ گذارين چاڪاڻ

1...ہدایۃُ السَّارِی، صفحہ:70 و 72-
2...الترغیب و الترہیب، کتاب العیدین، الترغیب فی احیاء لیلتی العیدین، صفحہ:373، حدیث:2-
3...ابن ماجہ، کتاب الصیام، باب فیمن قام فی لیلتی العیدین، صفحہ:284، حدیث:1782-

تہ حضرت ابراهيم نَخَعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم فرمائن ٿا: بزرگانِ دين رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِم اعتڪاف ڪرڻ واري جي لاءِ هن ڳالهہ کي پسند فرمائيندا هئا تہ عيدالفطر جي رات مسجد ۾ ئي گذاري.[1]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڇهہ عيد جي روزن جي ترغيب

اي عاشقانِ رسول! رَمَضانُ الۡمُبارڪ کان بعد شوال المڪرم جي آمد آمد آهي. خوش نصيب مسلمان هن مهيني ۾ عيدالفطر کان پوءِ 6 روزا رکڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن. اچو! انهن روزن جا فضائل ٻڌون ٿا تہ جيئن اسان جو هي روزا رکڻ ۽ انهن جي برڪتن کان فيضياب ٿيڻ جو ذهن ٺهجي، جيئن تہ ۞ حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن رمضان جا روزا رکيا پوءِ 6 شوال ۾ رکيا تہ گناهن کان ايئن نڪري ويو جيئن اڄ ئي ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي.[2] جنهن رمضان جا روزا رکيا وري ان کان پوءِ ڇهہ شوال ۾ رکيائين- تہ ائين آهي جيئن دهر يعني سڄي عمر جوروز رکيو.[3] خليلِ ملّت حضرتِ علامہ مولانا مفتي محمد خليل خان قادِري برڪاتي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هي روزا عيد کان پوءِ لڳاتار رکيا وڃن تڏهن بہ حرج ناهي ۽ بهتر هي آهي تہ متفرق (يعني وقفو ڪري) رکيا وڃن يعني هر هفتي ۾ بہ روزا ۽ عيد الفطر جي ٻئي ڏينهن هڪ روزو رکي وٺي ۽ پوري مهيني ۾ رکي تہ اجان بہ مناسب معلوم ٿئي ٿو.[4]

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي، هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مشغول آهي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! ۞ هزارين مدرسا ۽ جامعات قائم ڪيا ويا آهن جن ۾ لکين طلبا و طالبات ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۞ المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

1... فيضان رمضان،صفحہ:279، 280۔
2... مجمع الزوائد، ڪتاب الصيام، باب فيمن صام ...الخ،جلد:3، صفحہ:322، حديث:5102۔
3... مسلِم، ڪتاب الصيام، باب استحباب صوم...الخ، صفحہ:424، حديث: 1164۔
4... سنی بہشتی زیور ،صفحہ:347۔

جي ذريعي اُمت کي اسلامي لٽريچر (مواد) مھيا ڪيو پيو وڃي ۞ سوشل ميڊيا جي ذريعي ڪروڙين انسانن کي اسلامي معلومات مھيا ڪئي پئي وڃي ۞ مدني چينل اردو، انگريزي، بنگالي، ڪڊز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل ذريعي دينِ اسلام ۞ ۽ سموري دنيا ۾ مسلمانن جي خيرخواھي جي لاءِ قائم ڪيل شعبي *(FGRF)* جي ذريعي ڏڪايل مسلمانن جي خدمت ڪرڻ جو سلسلو بہ جاري آھي.

توھان بہ خدمتِ دين جي ھن نيڪ ڪم ۾ پنھنجو حصو شامل ڪريو! پنھنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو، توھان جا عطيات يعني چندو ڪنھن بہ نيڪ، جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خير خواھي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگھجي ٿو تہ جيئن وڌنڙ خرچن جو پورائو ڪري سگھجي.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## فطري جا بستا لڳائڻ جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! جتي اللہ پاڪ جي راھ ۾ خرچ ڪرڻ سعادت مندي ۽ وڏي نيڪي جو ڪم آھي، اتي چندو گڏ ڪرڻ ۽ ان لاءِ ڪوشش ڪرڻ بہ وڏي فائدي کان خالي ناھي.

اعلیٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ فرمائن ٿا: ڪنھن بہ ديني ضرورت لاءِ چندو ڪرڻ جائز ۽ سنت مان ثابت آھي.[1] وڌيڪ فرمائن ٿا : **(ديني ڪمن لاءِ) چندو گڏ ڪرڻ صحيح حديثن مان ثابت آھي ۽ نيڪي جي ڪمن لاءِ چندو گڏ ڪرڻ نيڪي ڏانھن رھنمائي ڪرڻ جيان آھي-** حديث پاڪ ۾ آھي: **جيڪو ڪنھن نيڪي جي رھنمائي ڪري، ان کي بہ اوترو ئي اجر ملندو، جيترو نيڪي ڪندڙ کي.**[2]

چند رات ۽ عيدالفطر جي ڀھرئين ڏينھن نمايان ھنڌن تي فطري جا بستا لڳائي، ھن نيڪ ڪم ۾ حصو وٺي سگھون ٿا- ذميوارن سان رابطو ڪري،

1 فتاویٰ رضويہ، جلد:16، صفحہ:418۔
2 فتاویٰ رضويہ، جلد:16، صفحہ:468۔

مناسب هنڌ طئي ڪيو ۽ وڌ کان وڌ عطيا گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو. الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## چند رات تي قافلن ۾ سفر جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! رمضان المبارڪ جو مهينو هاڻي چند گهڙين جو مهمان رهجي ويو آهي ۽ جلد ئي اسان کان الوداع ٿيڻ وارو آهي. پوءِ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیۡم! چنڊ رات جي آمد آمد ٿيندي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هر سال اعتڪاف جي سعادت ماڻيندڙ خوشنصيب اسلامي ڀائر ۽ ٻيا عاشقانِ رسول پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش سان سرشار ٿي، هن رات قافلن جا مسافر بڻجندا آهن. هي ڪم جيتوڻيڪ ڏکيو ضرور آهي پر ياد رکو! نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ ان راهه ۾ مشقتون برداشت ڪرڻ انبياء جي سنت آهي.

۞ انبياءِ ڪرام ۞ صحابہ ڪرام ۞ نيڪ ماڻهو نيڪي جي دعوت ڏيڻ لاءِ گهرن مان نڪرندا هئا. ۞ دور دراز علائقن تائين هليا ويا، ۞ هجرتون ڪندا ۽ ۞ مشقتون برداشت ڪري دين جو پيغام عام ڪندا هئا. ۞ اڳين جي قربانين سان ئي اسان تائين دين پهتو آهي. ۞ توهان بہ چاند رات کان قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي نيت ڪري وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیۡم! تمام گهڻيون برڪتون ملنديون.

۞ قافلي ۾ فرض علمِ دين سيکاريو ويندو آهي. ۞ سنتون سيکاريون وينديون آهن. ۞ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. ۞ قافلي جي برڪت سان دعائون پوريون ٿيڻ، ۞ مشڪلاتون ٽرڻ ۞ بيمارين کان شفا ملڻ جا بہ سوين واقعا آهن. ۞ ايئن بہ ٿيو آهي تہ قافلي ۾ سفر ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول جي حوصلا افزائي لاءِ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم فرمايو، خواب ۾ تشريف وٺي آيا ۽ شرڪاءِ قافلہ کي ديدار جو جام پياريو. الله پاڪ اسان عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## باغ جو جهولو

حيدرآباد جي هڪ محلي ۾ علائقائي دوري جي دعوت کان متاثر ٿي، هڪ ماڊرن (Modern) نوجوان مسجد ۾ آيو. بيان دوران قافلن ۾ سفر ڪرڻ جي ترغيب ڏني وئي، جنهن تي هن مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ لاءِ پنهنجو نالو لکي ڇڏيو.

هن جي روانگيءَ ۾ ڪجهه ڏينهن باقي هئا تہ قضاءِ الهيءَ سان سندس انتقال ٿي ويو. مرحوم جي خاندان جي ڪنهن فرد کيس خواب ۾ ڏٺو تہ هو هڪ سرسبز باغ ۾ نهايت خوش آهي ۽ جهولي ۾ لُڏي رهيو آهي. خواب ڏسندڙ شخص پڇيو: هتي ڪيئن آئين؟ نوجوان جواب ڏنو: مان دعوتِ اسلامي جي قافلي سان آيو آهيان، الله پاڪ جو وڏو ڪرم ٿيو آهي. منهنجي امڙ کي چئي ڇڏجان تہ هوءَ منهنجو غم نہ ڪري، مان هتي تمام گهڻو سک سان آهيان".

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرآن ٽيچر موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقان رسول! اڄ ٽيڪنالاجي جو دور آهي. الحمد لله! قرآن ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ لاءِ دعوت اسلامي جي *I.T* ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: قرآن ٽيچر *(Quran Teacher)*
۞ هن ايپلي ڪيشن ذريعي درس نظامي، فيضان نماز ڪورس ۽ زڪوٰت ڪورس جهڙن بيشمار آن لائن ڪورسز لاءِ رجسٽريشن ڪرائي سگهجي ٿي.
۞ اسٽوڊنٽ پورٽل *(Student Portal)* ۾ پنهنجي آن لائن ڪلاس جي سرگرمين بابت باخبر رهي سگهجي ٿو. ۞ دعوت اسلامي جي هن پليٽ فارم تي تقريباً 45 کان وڌيڪ اسلامي ڪورسز ڪرايا ويندا آهن ۞ هي ايپلي ڪيشن آن لائن ٽيڇ وارن ڪورسن بابت بہ معلومات*(Information)* فراهم ڪري ٿي. توهان پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪنهن بہ ڪورس جو انتخاب ڪري سگهو ٿا ۽ بغير ڪنهن مشڪل جي آن لائن قرآن سکڻ لاءِ داخلا وٺي سگهو ٿا. هن ايپلي ڪيشن کي ڊائون لوڊ ڪري پاڻ بہ فائدو حاصل ڪيو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ڪجھ ضروري اعلانات

۞ **رمضان شريف** جو مبارڪ مهينو جاري آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي روزانو عصر ۽ تراويح جي نماز ڪان پوءِ مدني مذاڪرو فرمائي رهيا آهن. سيئي ذميدار ۽ عاشقان رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمايو ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏيو۞ شيخ طريقت، امير اهلسنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب به ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي رسالو"امير اهلسنت علماءِ اهل سنت جي نظر ۾ " جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن رضاءِ الٰهي ۽ ثواب ڪمائڻ جي لاءِ هي رسالو ٻين سان به شيئر *(Share)* ڪن! ۞ مڪتبة المدينہ پيش ڪري رهيو آهي..!! نماز عيد جون فضيلتون ۽ مسئلا ڄاڻڻ لاءِ رسالو بنام نماز عيد جو طريقو ۽ عيد درست انداز ۾ گذارڻ جي حوالي سان تمام معلوماتي رسالو " مني عيد ۽ منيون ڳالهيون " توهان اهي ٻئي رسالا مڪتبة المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان 15/15 روپين ۾ قيمتاً طلب فرمايو! پاڻ به مطالعو فرمايو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ نبيءِ پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ سنت بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدار رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي تنهن مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ منهنجي سان گڏ هوندو. [1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

1...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحه:343.

# گهٽ ڳالهائڻ سنتِ مصطفيٰ آهي

فرمان آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) ماڻهوءَ جو خاموشي تي قائم رهڻ 60 سالن جي عبادت کان بهتر آهي. [1]

اي عاشقان رسول! گهٽ ڳالهائڻ سنت مصطفيٰ آهي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نهايت خاموشي وارا هئا. [2] پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بغير ضرورت جي ماڻهن سان ڪلام نه فرمائيندا هئا، هِند بن ابو هاله رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جو بيان آهي ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بنا ضرورت جي گفتگو نه فرمائيندا هئا بلڪ اڪثر خاموش ٿي رهندا هئا. [3] خاموشي مان مراد آهي: دنياوي ڳالهين کان خاموشي، ٻي صورت ۾ حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زبان مبارڪ الله پاڪ جي ذڪر ۾ مشغول رهندي هئي. [4]

پيارا اسلامي ڀائرو! ۞ خاموشي حڪمت آهي ۞ گهٽ ڳالهائڻ سان عقل ڪامل ٿيندو آهي ۞ گهٽ ڳالهائڻ عبادت جي ڪنجي آهي ۞ گهٽ ڳالهائڻ سان عبادت جي لذت نصيب ٿيندي آهي ۞ گهٽ ڳالهائڻ سان عزت، وقار ۽ علم ۾ اضافو ٿيندو آهي ۞ جيڪو بنا ضرورت ڳالهائڻ کان بچي، اهو شيطان تي غالب رهندو آهي. الله پاڪ اسان کي به گهٽ ڳالهائڻ، صرف ضرورت جي ڳالهه وات مان ڪڍڻ ۽ فضول بڪ بڪ ڪرڻ کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

یا ربّ نہ ضرورت کے سوا کچھ کبھی بولوں | اللہ زباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

مختلف سنتون سکڻ لاءِ مڪتبة المدينه جي **بهارِ شريعت** جلد:3، حصو:16، ۽ اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُهُمُ الۡعَالِیَه جو 91 صفحن

---

[1]...شُعْبُ الْإِيْمَان، باب: حفظ اللسان، جلد:4، صفحہ:245، حديث:4953۔
[2]...شرح السنہ للبغوی، جلد:7، صفحہ:450، حديث:3695۔
[3]...شمائل ترمذی، صفحہ:353، حديث:225۔
[4]...مرآۃ المناجیح، جلد:8، صفحہ:81۔

وارو رسالو "550 سنتون ۽ آداب" خريد ڪري پڙهو، سنتون سکڻ جو بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان سنتن ڀرپور سفر پڻ آهي.

| | |
|---|---|
| علم حاصل کر، جَہل زائل کرو | پاؤ گے راحتیں، قافلے میں چلو |
| سنّتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد